ڊاڪٽر محمد قاسم راڄپر

# سنڌي ناٽڪ جو نئون جنم

(منظور ڪوهيار جي اسٽيج ڊرامن جي مجموعي ’راڄ ڪرتهه‘ جو اڀياس)


### Abstract:

*Drama is the most power full medium of communication. Drama is popular all over the world and can be found in literature of almost all the developed languages. Drama has been part of Hindu Religion since long but the Journey of Modern Sindhi drama starts from 1880, when Mirza Qalech Baig wrote the first Sindhi Drama "Lela Majnon". This was closet drama and that time there was no dramatic club in Sindh, which staged opera. In the year 1894, first dramatic club "D.J Sindh Collage Natak Mandli" was formed, which staged first drama "Nal damenti" written by Jethanand Khilndas. The first period of Sindhi drama ended during partition of Sub-continent in 1947. The independence brought change in the political setup. Like the other genres of literature, Sindhi drama also suffered a break after the migration of Hindu dramatists and closure of dramatic clubs all over Sindh. A new period of Sindhi drama started after partition in Sindh and India. After the evident of Radio and Television, Sindhi drama got severely affected and many dramatists have been trying to save the Sindhi stage drama. Manzoor Kohiar is one of them, whose book recently got published. His book contains four Art dramas which can be considered the new birth of Sindhi stage drama.*


**ڊرامو** ادب ۽ ابلاغ جي اهم صنف جي حيثيت سان دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ موجود آهي. سنڌي ادب ۾ به اها صنف سوين سالن کان موجود آهي. سنڌي ڊرامي جي اها سڀ کان وڏي خوش قسمتي آهي ته ان جو جنم سنڌ جي انتهائي پڙهيل لکيل طبقي ۾ ٿيو، وڏو ناٽڪ هجي يا ننڍو ناٽڪ ان جي ابتدا سنڌ جي تنهن دؤر جي اڪابرن وسيلي ٿي. مرزا قليچ بيگ کان ويندي، منگھا رام ملڪاڻيءَ تائين سنڌي ناٽڪ نويسن جون خدمتون سنڌ صدين تائين ياد رکندي. سنڌي ڊرامي جي ٻي وڏي خوش قسمتي اها ٿي جو ان عملي صورت به نج تعليمي ماحول ۾ تعليمي مقصدن لاءِ اختيار ڪئي.

سنڌي ناٽڪ جي اوسر واري تاريخ مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته اُن دؤر ۾ سنڌي





ڊرامن جو بنيادي ۽ وڏو مقصد تعليم ۽ تهذيب جو پرچار هوندو هو. ان ڪري هر سال تعليمي ادارن ۾ وڏن ڏهاڙن توڙي سالياني تقريبن ۾ باقاعدگي ۽ خاص تيارين سان اسٽيج ڊرامو ڪيو ويندو هو. سنڌي ناٽڪ جي سرجڻهاري دؤر ڪي تاريخ جي حوالي سان ڏٺو وڃي ته سنڌي ناٽڪ جي شروعات تعليمي ادارن جي احاطي ۾ معلوم ٿئي ٿي. اهو ئي سبب هو ته پهرين سنڌي ڊرئميٽڪ سوسائٽي به ماضيءَ جي هڪ مشهور تعليمي اداري سنڌ ڪاليج ڪراچي (هاڻوڪي ڊي جي سنڌ گورنمينٽ سائنس ڪاليج) ۾ ’ڏيا رام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي‘ جي نالي سان برپا ٿي هئي، (جيڪا اڳتي هلي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي بڻي) اُتي جيڪو پهريون سنڌي ناٽڪ (نل دمينتي) پيش ٿيو هو، تنهن ناٽڪ جو ليکڪ به هڪ استاد (ماسٽر ڄيٺانند کلڻداس پريائي) هو. ان ڊرامي جو مقصد مٺا رام هاسٽل (جيڪا هاڻي مڪمل طور رينجرز جي قبضي هيٺ آهي) جي قيام لاءِ چندو گڏ ڪرڻ هو. ’نل دمينتيءَ‘ ۽ اُن بعد جيڪي به سنڌي ڊراما لکيا ۽ اسٽيج ڪيا ويا، سي اُن وقت جي ڏنڌوڙي ناٽڪ منڊلين جي عام بازاري طرز تي نه، پر اُهي ناٽڪ تعليمي ادارن جي احاطي ۾ اُستادن ۽ شاگردن پاڻ ۾ گڏجي خاص اهتمام سان اسٽيج ڪيا. جنهن مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته سنڌي ناٽڪ جو جنم نيڪ ارادن سان نيڪ ادارن ۾ نيڪ ماڻهن جي هٿ ۾ ٿيو، اهو سلسلو پوءِ به جاري رهيو.

جديد سنڌي ناٽڪن جي تاريخ گهڻي پراڻي ڪانهي، سنڌ تي انگريزن جي ڪاهه کان اڳ هتي روايتي سانگ رچائڻ ۽ لوڪ ناٽڪن جون ثابتيون ته گهڻيون ئي ملن ٿيون، پر جديد سنڌي ناٽڪ انگريزن جي دؤر ۾ ئي اُسريو ۽ نسريو. ۱۸۷۹ع کان ۱۹۰۰ع تائين سنڌي ناٽڪن جي شروعاتي دؤر ۾ ۲۱ ناٽڪ لکيا ويا. جن مان هڪ ناٽڪ امام بخش خادم، ۱۲ ناٽڪ مرزا قليچ بيگ، هڪ ناٽڪ ڪوڙي مل چندن مل، هڪ ڄيٺانند پريائي، ۴ ليلارام سنگهه وطڻ مل ۽ هڪ هڪ ناٽڪ ڏيئومل گاگنداس ۽ گاگن داس آڏواڻي لکيو. ۱۴ ناٽڪ اسٽيج تي آيا. هڪ ناٽڪ اسٽيج نه ٿيو ۽ نه وري شايع ٿي سگهيو. جڏهن ته ٦ ناٽڪ مطالعاتي هئا، جيڪي شايع ٿيا. گهڻي ڀاڱي اهي ناٽڪ ڌرمي ۽ تاريخي يا لوڪ ڪهاڻين تي مشتمل هئا.

جيئن ته ناٽڪ سنڌي نثر نويسن لاءِ بنهه نئين صنف هئي، تنهن ڪري ناٽڪ نويسن جو زور ترجمن ۽ اُلٿن تي هو. مرزا قليچ بيگ جي ڪوشش هئي ته شيڪسپيئر



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي ناٽڪن کي سنڌي ويس ڍڪائيجي. تنهن ڪري هن شيڪسپيئر جي ترجمو ڪيل ناٽڪن جا سنڌي نالا رکيا. سنڌ جي هندو ناٽڪ نويسن شروعاتي ناٽڪ ڌرمي لکيا. هن دؤر ۾ سنڌي ناٽڪ جي پيڙهه پئجي چڪي هئي، ڪراچيءَ ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊليءَ کان پوءِ شڪارپور ۾ ڌرم اپڪار ڊرئميٽڪ سوسائٽي قائم ڪئي وئي. جنهن جو سچو انتظام اُتان جا وڪيل، جج ، استاد ۽ ٻيا پڙهيا لکيا ماڻهو هلائيندا هئا. هي دؤر وڏن ناٽڪن جو هو. پر مرزا قليچ بيگ ڪجهه ننڍا ناٽڪ به لکيا ويا. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ ”هن دؤر کي سنسڪرت تان ڌرمي ناٽڪن (تقدير جو فلسفو) ۽ شيڪسپيئر تان رومانوي ناٽڪ (سيرت جو فلسفو) سڏيو آهي.“ (۱)

سنڌي ناٽڪ جو ٻيو ۽ سونهري دؤر ۱۹۰۱ع کان شروع ٿي ورهاڱي تي ختم ٿئي ٿو. هن دؤر ۾ سنڌي ناٽڪ نويسن سڀ کان وڌيڪ سماجي موضوعن تي ناٽڪ لکيا، جنهن سبب هن دؤر کي حقيقت نگاريءَ وارو دؤر سڏيو ويو. هن دؤر ۾ لعل چند امر ڏنو مل، ڪشنچند بيوس، پيرومل مهرچند آڏواڻي، چاندو مل کتري، ليلا رام ماکيجاڻي، نانڪ رام ڌرمداس، خانچند درياڻي، اُڌو جهانگياڻي، منگهارام ملڪاڻي، محمد اسماعيل عرساڻي ۽ ٻيا ڪوڙ ناٽڪ نويس ميدان ۾ آيا. هن دؤر کي سنڌي ناٽڪن جو سونهري دؤر ان ڪري ليکيو ويو آهي، جو سنڌي ناٽڪ نويسن. سنڌي ناٽڪ کي ڌرمي پرچار کان ٻاهر ڪڍي، سماجي مسئلن جي حل جو واهڻ بڻايو. هن دؤر ۾ سڀ کان وڌيڪ حقيقت نگاريءَ وارا ناٽڪ لکيا ۽ پيش ڪيا ويا. سنڌي ناٽڪ نويسن سنڌي سماج ۾ موجود سمورين براين کي ناٽڪن وسيلي وائکو ڪيو. هن دؤر جو سنڌي ناٽڪ تعليم، تربيت ۽ سماجي جاڳرتا جي حوالي سان نهايت اهم هو.

سنڌي ناٽڪن جي شروعات ئي وڏن ناٽڪن سان ٿي. وڏي ناٽڪ جو جنم ٿيو ته ان جي لازمي حصي طور ننڍي ناٽڪ جو جنم به ٿيو. ٻين ٻولين جي ٿيئٽرن ۾عام طور، وڏو ناٽڪ شروع ڪرڻ کان اڳ ڪو ننڍو مزاحيه ناٽڪ ڏيکاريو ويندو هو، پر سنڌي ناٽڪ جي حوالي سان اها صورتحال مختلف هئي. سنڌي وڏي ناٽڪ جي وچ يا پورو ٿيڻ کان پوءِ ايڪانڪي ناٽڪ (One act Play) ڏيکاريو ويندو هو. جيئن ڏسندڙ بيزار نه ٿين ۽ اهي ننڍو مزاحيه ناٽڪ ڏسي وندريا پيا هجن. ’سنڌي نثر جي تاريخ‘ ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکيو آهي ته، ”سنڌ ۾ وري اهي ننڍڙا ناٽڪ اصل (وڏي) ڊرامي (Full Length Play) کان اڳ ڏيکارڻ جي بدران ڊرامي جي ختم ٿيڻ کان پوءِ، ڏيکاربا





هئا ۽ ڊرامي جا ڏسندڙ خوش ٿيندا ۽ کلندا پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن ويندا هئا.“(۲)

سنڌيءَ ۾ ننڍن ناٽڪن جو باني ڪار به مرزا قليچ بيگ هو، سندس لکيل ننڍا ناٽڪ گهڻي ڀاڱي مزاحيه ۽ طنزيه هوندا هئا. سنڌ ۾ به ويهين صديءَ جي شروعات ۾ اڻويهين صديءَ واري ننڍي ناٽڪ جي روايت ختم ٿي چڪي هئي. مرزا قليچ بيگ سنڌي ناٽڪ کي مذهبي اثر کان ٻاهر ڪڍي، نج عوامي مسئلن جي اُپٽار جو واهڻ بڻايو، سندس ان روايت کي لعل چند امر ڏني مل، پيرومل مهرچند، نانڪرام ڌرمداس، ڪشنچند بيوس، خانچند درياڻي، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ڄيٺانند ناگراڻي ۽ ٻين ناٽڪ نويسن اڳتي وڌايو.

۱۹۰۰ع کان ۱۹۴۷ع واري دؤر ۾ سنڌي ناٽڪ پنهنجي ڀرپور جوڀن تي هو. ۱۹۴۷ع ۾ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جتي سنڌ جي معيشيت، سياست، صنعت، حرفت، علم، ادب، ڪاريگري، ثقافت، ريتن، رسمن ۽ ڀائيچاري کي تباهه ڪري ڇڏيو. اتي سنڌي ناٽڪ به تباهه ٿي ويو، ان جو مکيه سبب اهو هو ته سنڌيءَ جي ناٽڪ جا سرپرست گهڻو ڪري هندو هئا، جن هڙان وڙان ڏئي سنڌي ناٽڪ کي اوج تي رسايو. پر ورهاڱي سبب سنڌي ناٽڪ جي جُڙيل شاهڪار عمارت ڍهي پٽ پئجي وئي. ورهاڱي وقت سنڌ ۾ ۳۷ ناٽڪ منڊليون هيون، جن جا سرواڻ ۽ سرپرست گهڻي ڀاڱي هندو هئا. هندن جي جبري لڏپلاڻ سبب سنڌ جي مکيه شهرن ڪراچي، حيدرآباد، شڪارپور، سکر، لاڙڪاڻي ۽ ٻين هنڌن تي قائم اهي ناٽڪ منڊليون ختم ٿي ويون. سنڌي ناٽڪ نويس، هدايتڪار، اداڪار، اسٽيج سجائڻ وارا ڀارت هليا ويا. جنهن جي ڪري سنڌي ناٽڪ ورهاڱي جي سٽ نه سهي سگهيو ۽ مڪمل طور ختم ٿي ويو.

ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ جيڪي ناٽڪ منڊليون هيون، اهي غيرن جي قبضي ۾ اچي ويون. انهن کي سنڌي ٻولي ۽ ثقافت سان ڪا به دلچسپي نه هئي. ناٽڪ منڊليون دڪانن، گهرن ۽ ڪارخانن ۾ تبديل ٿي ويون. پر جيئن ته سنڌي ناٽڪ جو جنم ئي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ٿيو، تنهن ڪري وري شروعات به اتان ڪئي وئي. محمد عثمان ڏيپلائي ناٽڪ لکڻ جي شروعات ته ورهاڱي کان گهڻو اڳ ڪري چڪو هو. پر ورهاڱي سبب پيدا ٿيل خال کي هن ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي. ۱۹۴۹ع ۾ هن جو لکيل ناٽڪ ’اسلام تي مقدمو‘ پڌرو ٿيو، جيڪو هڪ مذهبي ناٽڪ هو، پر جلد ئي محمد ابراهيم جويي جو لکيل انقلابي ناٽڪ ’آزادي ڏانهن‘ ٽريننگ ڪاليج فارمين ڊرئميٽڪ سوسائٽي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

حيدر آباد پاران اسٽيج ڪيو ويو، سنڌي ناٽڪ وري زنده ٿي پيو. پر جيئن ته ناٽڪ منڊليون سنڌ ۾ موجود ئي نه هيون، تنهن ڪري اڪثر ناٽڪ نويسن جا ناٽڪ مطالعي تائين محدود رهيا. سنڌي مطالعاتي ناٽڪ کي زور وٺائڻ ۾ ٽماهي مهراڻ ۽ نئين زندگيءَ اهم ڪردار ادا ڪيو. سنڌ ۾ ريڊيو جي نشريات شروع ٿيڻ کان پوءِ سنڌ ۾ اسٽيج ناٽڪن جو زور ٽٽي ويو ۽ ناٽڪ نويسن ريڊيو لاءِ ناٽڪ ۽ گيتن ڀريون ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. پوءِ جڏهن پاڪستان ٽيلي ويزن تان سنڌي ڊراما نشر ٿيڻ شروع ٿيا، ته سنڌي ناٽڪ هڪ نئين دؤر ۾ پير پاتو.

سنڌي ناٽڪ نويسن ڊرامن جي ٽنهي قسمن ’ الميہ، طربيہ ۽ طنزيہ‘ تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر مغرب جي ڊرامن جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ ڏک وارا ڊراما گهٽ لکيا ويا آهن. شروعاتي دؤر ۾ جڏهن ٦ يا ٨ ڪلاڪن جا ڊگها ڊراما پيش ٿيندا هئا، تڏهن مختصر مزاحيہ ناٽڪن جو بہ رواج عام ٿيو، پر ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ سنڌ توڙي هند ۾ سنڌي ناٽڪ نويسن گهڻي ڀاڱي طنزيہ ڊراما لکي، سنڌي سماج ۾ موجود اوڻاين کي وائکو ڪيو، سنڌ جي ڊرامي نگارن جا ان سلسلي ۾ مکيہ موضوع زميندارن جا ظلم، انصاف حاصل ڪرڻ ۾ دشواريون، پوليس جون ڏاڍايون، بي جوڙ شاديون، ڏيتي ليتي وغيره رهيا آهن.

١٩٨٠ع کان پوءِ سنڌ ۾ اسٽيج ناٽڪ جي روايت گهٽو پوئتي پئجي وئي آهي ۽ هاڻي مزاح جي نالي تي ڇُسي مذاق وارا ڊراما لکي، ڊرامي جو روح رنجايو پيو وڃي.اهي ڊراما فني لحاظ کان ڪنهن ڳاڻاٽي ۾ نہ ٿا اچن. طنز ۽ مزاح جي نالي تي ٿيندڙ اهڙن ڊرامن ۾ نہ طنز آهي ۽ نہ وري مزاح. ان جو هڪ سبب اهو بہ هو تہ ١٩٧٠ع ۾ ٽي ويءَ تان سنڌي ڊراما ٽيليڪاسٽ ٿيڻ شروع ٿيا. جنهن سان نشري ادب زور ورتو. پر جيئن تہ ڊرامي جو اصل ماڳ اسٽيج آهي ۽ سنڌ ۾ ورهاڱي سبب اُجڙيل اسٽيج وري کَرُ نہ کٽي سگهي. وقفي وقفي سان ان کي جيئارڻ جي ڪوشش ضرور ٿي آهي، پر سنڌ ۾ سنڌي اسٽيج ڊرامو اڄ بہ سڪرات واري حالت ۾ آهي. ڀارت ۾سنڌي ڊرامو وري بہ اڃا زنده آهي، جو اتي ڊاڪٽر پريم پرڪاش، ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي، لکمي کلاڻي، ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي، مدن جماڻي ۽ ٻيا ڪوڙ ان فن کي زنده رکيو ويٺا آهن. پر اتي بہ ڏسندڙن جو انگ تيزيءَ سان گهٽجي رهيو آهي. ڊاڪٽر پريم پرڪاش موجب ورهاڱي کان پوءِ هن وقت تائين هند ۾ ٥٥٠ کان وڌيڪ ننڍا وڏا ڊراما لکيا ۽ منچ تي آندا ويا.





جڏهن تہ تمام ڊراما ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي رهيا آهن، پر سنڌ ۾ ورلي ڪو اسٽيج ڊرامو لکجي يا اسٽيج ٿئي ٿو.

ان حقيقت کان ڪوبہ انڪاري ناهي تہ سنڌي ڊرامن جي شروعات مطالعاتي ڊرامن (Closet drama) وسيلي ٿي. هندستان ۾ هاڻي بہ هر سال سنڌي ناٽڪن جا هڪ درجن کان وڌيڪ مجموعا شايع ٿين ٿا. ورهاڱي کان پوءِ هند ۾ سنڌي ناٽڪن جا ١٥٠ کان وڌيڪ مجموما شايع ٿي چڪا آهن، انهن مجموعن ۽ مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل ناٽڪن جو تعداد هڪ هزار جي لڳ ڀڳ آهي. پر ان جي ڀيٽ ۾ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ شايع ٿيل ناٽڪن جو تعداد ١٥٠ کان مٿي ناهي. جنهن ۾ بہ گهڻا ناٽڪ نئين زندگي، مهراڻ ۽ سهڻيءَ ۾ شايع ٿيل آهن. جڏهن تہ گذريل ٦٨ سالن ۾سنڌ اندر صرف ناٽڪن جا ١٢ کن مجموعا مس شايع ٿيا آهن. ممتاز مرزا جي مجموعي ’آخري رات‘ ۽ قاضي خادم جي مجموعي ’ لڙڪ لڙڪ زنجير‘ بہ ريڊيو ۽ ٽي وي ڊرامن تي مشتمل آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اسٽيج ناٽڪن جو آخري مجموعو ’اسٽيج ڊراما‘ ١٩٨٠ع ۾ آيو. جنهن ۾ ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور جون ١٠ ايڪانڪيون (One act play) شامل آهن. ان کانپوءِ ٢٠٠٩ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ آغا سليم جي اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي وي ڊرامن جو مجموعو ’ڊراما‘ ڇپرايو هو. آغا سليم اهي ڊراما ٦٠ ۽ ٧٠ واري ڏهاڪي ۾ لکيا هئا، جيڪي تنهن دؤر ۾ نہ رڳو اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي وي تي آيا پر ڪيترن ئي رسالن ۾ شايع پڻ ٿيا.

٣٣ سالن کان پوءِ ڪنول پبليڪيشن قمبر پاران سنڌ جي ناليواري ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ ناٽڪ نويس منظور ڪوهيار جي ناٽڪن جو مجموعو ’راج ڪرتهہ‘ (King Maker) ٢٠١٣ع ۾شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ سندس چار آرٽ ڊراما:١. پريميڪا، ٢. بادشاهہ سلامت، ٣. فرنگي ۽ ٤. شاهہ بهارو، شامل آهن. ’راج ڪرتهہ‘ يعني ’بادشاهہ گر‘ جو مهاڳ منظور ڪوهيار پاڻ لکيو آهي. جيڪو مهاڳ کان وڌيڪ مقدمو ڀانئجي ٿو، جنهن ۾ هن ڊرامي جي فن، مغربي ڊرامي، مشرقي ڊرامي ۽ سنڌي ڊرامي سان گڏ لاڙڪاڻي جي ڊرامن جي تاريخ تي مختصر بحث ڪيو آهي. مجموعي جا آخري لفظ ڊاڪٽر تهمينہ مفتيءَ جا لکيل آهن. منظور ڪوهيار جي ناٽڪن بابت هوءَ لکي ٿي: ”منظور ڪوهيار جي سيني ڊرامن ۾ منظر نگاري، ڪردار نگاري، ڪردار نگاري، گفتگو، محاوره ۽ شاعري سهڻي نموني سان ڏنل آهي. هر دؤر جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مطابقت سان نج ٻولي ڪتب آندي وئي آهي. ليکڪ پنهنجي تحرير ۾ جيڪو چوڻ چاهيو آهي، اهو ڪاميابيءَ سان پڙهندڙ ۽ ڏسندڙن تائين پهچائي ٿو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سنڌس سڀئي ڊراما ادبي ماڻ ۽ مرتبو رکن ٿا.“[۳]

## منظور ڪوهيار جي ناٽڪن جو فني جائزو:

راج ڪرته مجموعي جي ڊرامن مان ٽي ڊراما پريميڪا، بادشاه سلامت ۽ فرنگي لاڙڪاڻي ۾ اسٽيج ٿي چڪا آهن. جڏهن ته شاه بهارو نه فقط نڪور پر شاندار تاريخي ڊرامو آهي. جيڪو ڪلهوڙا دؤر ۾ سنڌ جي بهادر جرنيل شاه بهارو بابت آهي. راج ڪرته ڪي پڙهڻ ڪان پوءِ محسوس ٿئي ٿو ته منظور ڪوهيار نه فقط سٺو ڪهاڻيڪار آهي، پر هن ڪي ڊرامي جي فن تي به عبور آهي، هن مغربي ڊرامن سان گڏ سنسڪرت، هندي، بنگالي ۽ اردو ڊرامن جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو آهي. جڏهن ته هن جي هر ڊرامي ۾ ڊراما ٽيڪنيڪ جي لازمي جزن: ١.پلاٽ، ٢.مرڪزي خيال، ٣.شروعات، ۴.ڪردار ۽ سيرت نگاري، ۵.مڪالمن، ٦.تسلسل ۽ ڪشمڪش، ٧.ٽڪراءُ، ٨.عروج ۽ ٩.پڇاڙيءَ جو خاص خيال رکيو ويو آهي.

منظور ڪوهيار جو تعلق به ڪشنچند بيوس جي شهر لاڙڪاڻي سان آهي، جنهن جو شمار سنڌي اصلاحي ۽ مقصدي ناٽڪن جي بانين ۾ ٿئي ٿو. ڊرامي جي هن ڪمرشل دؤر ۾ منظور، ڪشنچند بيوس واري واٽ ورتي آهي، وٽس ان ڳالهه جي ڪابه اهميت ناهي ته سنڌس ناٽڪ ڪي ڏسڻ يا پڙهڻ وارا ڪيترا آهن، هو سمجهي ٿو ته جيڪڏهن ناٽڪ وسيلي معاشري جي اصلاح ڪرڻي آهي، سماج ڪي پنهنجي تاريخ ڪان واقف ڪرڻو آهي ته پوءِ ان لاءِ عددي اڪثريت جي نه به پر ساڃاهه وندن جي ضرورت آهي. هونئن به چڱائي جي شروعات ٿورائي ڪان ٿيندي آهي. هن وقت جڏهن سنڌي ناٽڪ سقراط واري حالت ۾ آهي ته منظور ان تڪليف ۽ پريشانيءَ ڪي محسوس ڪري هي ناٽڪ لکيا آهن، جن جو هڪ هڪ مڪالمو ٻڌڻ جهڙو، هڪ هڪ منظر ڏسڻ جهڙو آهي.

ليکڪ هي ڊراما لکڻ وقت نه صرف مغربي ڊراما جي اصولن ڪي سامهون رکيو آهي پر هن سنسڪرت ڊرامي جا اصول به ڪم آندا آهن. سنسڪرت زبان جا قديم ناٽڪ فني ٽيڪنيڪ ۾ ڪنهن حد تائين يوناني ڊرامي ڪان مختلف آهن. ان جي عنصرن ۽ ترتيب جي اصولن ۾ به فرق آهي. راج ڪرته سيريز جي پهرئين





ڊرامي ’پريميڪا‘ جي شروعات سنسڪرت ڊرامن وانگر ٿئي ٿي.

منظور ڪوهيار جي ڊرامن جي مطالعي مان محسوس ٿئي ٿو ته هو ڪاليداس، وليم شيڪسپيئر، هيرالڊ پنٽر، آمريڪي ناٽڪ نويس يوجين او نيل، ٽي ايس ايلٽ، چيخوف، جارج برنارڊ شا ۽ ساميوئل بيڪٽ ڪان گهڻو متاثر آهي ۽ انهن جا ناٽڪ سنڌس مطالعي ۾ رهيا آهن. هن جو لکيل ناٽڪ ’پريميڪا‘ ورهاڱي ڪان پوءِ سنڌ ۾ سنسڪرت اسلوب ۾ لکيل پهريون سنڌي ناٽڪ آهي.

”لاڙڪاڻي ۾ سماجي اوٽاين تي ناٽڪ لکڻ جي شروعات ١٩٠٧ع ۾ ڪشچند بيوس ڪئي هئي، جنهن چاندڪا اميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، لاڙڪاڻي پاران پهريون ناٽڪ ’خوبصورت بلا‘ اسٽيج ڪيو هو“.[۴]

ان ڪان پوءِ بيوس تمام گهڻا مذهبي ۽ سماجي ناٽڪ اسٽيج تي آندا هئا. هن جا وڏا ناٽڪ گهڻو ڪري ترجمو ۽ اُلٿو ڪيل هئا، جڏهن ته هن جا ننڍا ناٽڪ اصلوڪا هئا.

## پلاٽ:

ڪنهن به ڊرامي جي فني خوبين ڪي جاچڻ لاءِ ضروري آهي ته ان جي لازمي جزن پلاٽ، ڪردار نگاري، منظر نگاري، مڪالمن وغيره جو جائزو ورتو وڃي. ڊرامن ۾ پلاٽ جي اهميت ڪي سمورن ماهر ناٽڪ نويسن ۽ نقادن مڃيو آهي. قديم زماني ۾ ارسطوءَ ناٽڪ لاءِ جيڪي بنيادي اصول ٻڌايا هئا، انهن ۾ پلاٽ ڪي سڀ ڪان اهم حيثيت حاصل آهي. پلاٽ ڪنهن به ڊرامي لاءِ پيڙهه جي حيثيت رکي ٿو، جيڪڏهن ڊرامي جي پيڙهه ڪمزور هوندي ته اهو ڪامياب نه ٿي سگهندو. اها ٻي ڳالهه آهي ته ٽي وي ڊرامي جي زور وٺڻ ڪان پوءِ هاڻي ڊرامي جي پلاٽ ڪان وڌيڪ اهميت ڪردار نگاري ڪي ڏني وڃي ٿي ۽ ڊرامو پلاٽ بجاءِ ڪردارن وسيلي اڳتي وڌايو وڃي ٿو. ڪو به ناٽڪ نويس، ناٽڪ لکڻ ڪان اڳ پنهنجي ذهن ۾ ان جي رٿا (پلاٽ)سوچيندو آهي، پوءِ ڪردار، منظر نگاري ۽ مڪالمن وغيره تي غور ڪندو آهي. جيڪڏهن ان اصول موجب منظور ڪوهيار جي ڊرامن جي پرک ڪئي وڃي ته اهي ڊرامي جي بنيادي اصولن موجب آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اهي چارئي ڊراما ١٩٩٩ع ۽ ٢٠٠٠ع دوران مئسيج گروپ ۽ لبرل فورم پاڪستان لاڙڪاڻي چيپٽر پاران اسٽيج ڪيا ويا. ”جڏهن ته لاڙڪاڻي مشهور سماج سڌارڪ ۽ انساني حقن جي اڳواڻ ڪلپنا ديويءَ نارين جي

جاڳرتا جي حوالي سان ٻيهر ’پريميڪا‘ ڊرامو ڏياريءَ جي موقعي تي پيش ڪيو هو. جنهن مان هن ڊرامي جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هن ناٽڪ جا ڇهه ڏيڪ آهن“.(۵)

منظور ڪوهيار جو لکيل ٻيو ڊرامو ’بادشاهه سلامت‘ به سنسڪرت ڊرامي جي انداز ۾ لکيل آهي، جنهن جي شروعات سوتر ڌار (راوي يا اسٽيج مئنيجر) جي آواز ۾ ٿئي ٿي. هن ناٽڪ جي ڪهاڻي اڳوڻي زماني جي بادشاهن جي عياشين، بد ڪرادري، جنگي جنون، رعيت تي ظلم، حرمن جو تعداد وڌائڻ، ماڻهن جي ڪَلَ لاهي شاهي خزانو ڀرڻ، مولوين جي چاپلوسي، رعيت ۽ وفادران جي بيزاريءَ تي مبني آهي. هي ڊرامو تاريخي حوالي سان هڪ تجزيو آهي. جنهن ۾ ان دور جي ٻولي ۽ انداز کي نهايت چابڪدستي سان پيش ڪيو ويو آهي. هي ڊرامو جڻ هڪ دؤر جي ظالماڻي روش کي پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ عوام سان ٿيندڙ ارهه زوراين ۽ ظلم جي خبر پوي ٿي ۽ انهن مزاحمتي ڪردارن جي به ڄاڻ ملي ٿي، جن سر ترِيءَ تي رکي انساني قدرن جي پاسداري ڪئي. ان ڪان سواءِ بادشاهي نظام جيڪو زور زبردستي تي ٻڌل هيو، سو نيٺ پنهنجي موت پاڻ مري وڃي ٿو.

ٽيون ڊرامو، ’فرنگي‘ به برصغير ۾ انگريزن جي سامراجي دور جو هڪ بهترين تجزيو آهي. جنهن ۾ اڇوڪن حاڪمن جي وڏن جا ڪارناما نهايت طنزيه ۽ مزاحيه انداز ۾ پُڌايل آهن. هن ناٽڪ جو بنيادي خيال انگريز سامراج جي ’ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو واري‘ سوچ تي مبني آهي. جنهن نندي ڪنڊ ۾ هڪ اهڙي الميي کي جنم ڏنو. جنهن سان نندي ڪنڊ جو ورهاڱو ايڏو ته ابهرائي سان ٿيو، جو لکين ماڻهن جو قتلِ عام ٿي ويو. نه رڳو ماڻهن جو نقصان ٿيو، پر اخلاقي ۽ مذهبي قدر به پائمال ٿي ويا. سماجي نفسيات جي به جڙ پيل ٿي وئي، جو اڄ تائين مذهبي حوالي سان تلخي ۽ نفرت دلين ۾ گهر ڪري ويهي رهي آهي. هي ڊرامو ويڇڙائيءَ واري تاريخ جو هڪ بهترين تنقيدي جائزو آهي. جنهن ۾ نهايت نفيس انداز ۾ انهن چاپلوس ڪردارن تي لعنت ملامت ڪئي وئي آهي، جن جي اولاد يا پونيئر اڄڪلهه اسان جا حڪمران بڻجي ساڳيو ئي ڪردار ادا ڪندا رهن ٿا.

”سنڌ جي ماڻهن جي سورهيائي تي پهريون ناٽڪ ’سئبريڪا جو پيش پوڻ‘ محمد حنيف صديقيءَ ۱۹۳۰ع ۾ لکيو هو. جيڪو سڪندرِاعظم جي سنڌ ۾ ناڪاميءَ



Kalachi Research Journal ڪلاچي تحقيقي جرنل

جي پس منظر ۾ لکيل هو.“(٦)

سنڌ جي سورهين تي ناٽڪ لکڻ جي شروعات ورهاڱي ڪان پوءِ ۱۹۵۴ع ۾ هندستان ۾ هيرو لعل ستايل ’مها راجا ڏاهر سين‘ ۽ ’وير هيمون ڪالاڻي‘ لکي ڪئي. جڏهن ته سنڌ ۾ ان سلسلي ۾ پهريون ناٽڪ ’شهيد بختاور‘ منير احمد ماڻڪ ۱۹٦٧ع ۾ لکيو. جنهن ڪان پوءِ آغا سليم سنڌ جي عظيم سپهه سالار دولهه دريا خان جي سورهيائيءَ تي ’دولهه دريا خان‘ ۱۹۷۰ع ۾ ناٽڪ لکيو. ۱۹۷۰ع ۾ شيخ اياز دودي سومري جي سورهيائيءَ تي ’دودي جو موت‘ لکيو. ان لحاظ ڪان ڏٺو وڃي، ته سنڌي سورمن تي تمام گهٽ ناٽڪ لکيا ويا آهن.

هن مجموعي جو چوٿون ۽ آخري ڊرامو ’شاهه بهارو‘ هڪ امر وير ڪٿائي (سورهيه ناٽڪ) آهي. جنهن ۾ ڪلهوڙن جي دور جي عظيم سپاهه سالار ’شاهه بهارو‘ جي ٻاهرين حملي آورن سان ٿيل جنگ جو ذڪر ڪيل آهي. شاهه بهاري جي سورهيائي ۽ هن جي ويڙهه جو ذڪر اسان جي لوڪ ادب ۾ ته ضرور آهي، پر ڊرامي جي حوالي سان پهريون ڀيرو منظور ڪوهيار ان ڪردار کي ڪنيو آهي. ان ۾ نه صرف شاه بهاري ۽ ٻين تاريخي ڪردارن کي اهميت سان پيش ڪيو ويو آهي، پر انهن عام ماڻهن جي ڪردارن کي به آندو ويو آهي، جيڪي قومي ٻڌي، اتفاق ۽ اتحاد جي علامت آهن. هن سنڌ جي اهڙن ڪردارن کي به عيان ڪيو آهي، جيڪي ٻاڙي، بزدل ۽ افواهن تي هلندڙ آهن.

## ڪردار نگاري:

ارسطوءَ موجب پلاٽ ڪان پوءِ ڊرامي ۾ ڪردار نگاريءَ جي اهميت آهي. ڊرامي جي پلاٽ ۽ ماحول موجب جيڪڏهن ڪردار نه هوندا ته اها تخليق مڪمل نه سڏبي. هر ڊرامي ۾ هر ڪردار جي پنهنجي اهميت هوندي آهي. وليم شيڪسپيئر مئڪبيٿ، هئمليٽ، آٿيلو ۽ روميو جهڙا لافاني ڪردار تخليق ڪري انهن کي امر بڻائي ڇڏيو. سندس شهرت جو ڪارڻ اهي ڪردار ئي آهن. اهڙيءَ ريت منظور ڪوهيار جي ڊرامن جا ڪردار وڏي اهميت جوڳا آهن. پريميڪا، ڊرامي ۾ مَنُو ، چنچل، وسڻ، بلونت، ڌرم پال ۽ پريميڪا جا ڪردار حقيقي ۽ اسان جي پر پاسي جا محسوس ٿين ٿا.

اهڙيءَ ريت سندس ٻئي ناٽڪ ’بادشاهه سلامت‘ جا ڪردار بادشاهه سلامت پڙهڻ سان اسان جي ذهن تي نندي ڪنڊ جا ظالم بادشاهه ذهن تي تري ايندا، جڏهن ته اعتماد خان، جنگو خان، غضب خان، ملان اعتقاد، شائسته دل، سوپيا، دولت بيگ،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

صوفي لا کوفي ۽ باغ و بهار جا ڪردار اسان کي ٢٠٠ سال اڳ جي ننڍي ڪنڊ جي ننڍين ننڍين بادشاهتن ۾ وٺي وڃن ٿا. هن جي ناٽڪ ’فرنگي‘ پڙهڻ سان اسان کي انگريزن جي فتح ڪانپوءِ وارو ننڍو ڪنڊ سامهون اچي وڃي ٿو. جنهن ۾ وائسراءِ لارڊ ايرون آڏو پولڙيا ٻٽيل خانبهادر ۽ راءِ بهادر گيسيون ڪندي نظر اچن ٿا.

مجموعي جي آخري ڊرامي ’شاهه بهارو‘ جا سمورا ڪردار اسان کي ٽي سئو سال واري سنڌ ۾ وٺي وڃن ٿا. جنهن ۾ شاهه بهارو، لطيف جا ڀڳت ۽ فقير سڳڙو مل ۽ مائي طوطي، توڏو ۽ ڪوڏو جهڙن سنڌ جي رواجي ڪرادرن سان گڏ جيئندا راءِ (ڀيڙياتو)، مانجهي ابڙو (جهونجهار)، سونو چانڊيو (جهونجهار)، ماڻڪ (جيئندا راءِ جو پٽ)، ساماڻو (ڪنير)، چتو (ڪوري)، پلي ڏنو (ڪوري)، پلي ڏنو (مڱڻهار)، جمن ۽ جلال (شاعر ۽سگهڙ) ۽ ٻيا انيڪ ڪردار آهن. جن ڪي پڙهڻ سان اسان کي اڄوڪي ۽ تڏهوڪي سنڌ ۾ گهڻو فرق نظر نه ٿو اچي. اهي ڪرادر نه رڳو عام رواجي آهن، پر انهن ۾ عظمت ۽ ڪردار جي بلندي به نظر اچي ٿي. منظور ڪوهيار جي ڊرامن جي ڪردارن ۾ نه رڳو عورتن کي اهميت ڏنل آهي. پر سندس مرداڻا ڪردار به انتهائي اهم آهن.

## مڪالما:

پلاٽ ۽ ڪردار نگاريءَ کان پوءِ مڪالمن کي خاص اهميت حاصل آهي. منظور ڪوهيار پنهنجي سمورن ڊرامن ۾ مڪالمن جو خاص خيال رکيو آهي. هن جا مڪالما موقعي ۽ مهل موجب جاندار آهن. جن جي ٻولي سولي ۽ عام فهم آهي. هن جا مڪالما ڪردار جي حيثيت ۽ منصب موجب آهن، هو بادشاهه کان فقير واري گفتگو نه ٿو ڪرائي. مڪالمن ۾ هن اها به ڪوشش ڪئي آهي ته ڊرامو جنهن دؤر جي عڪاسي ڪري ٿو، ان جا مڪالما ان دؤر موجب هئڻ گهرجن. هو ان ڏس ۾ مڪمل ڪامياب نظر اچي ٿو. پريميڪا ۾ هن جا مَنُو، پريميڪا، روپ ونت، ڌرم پال، وسڻ، چنچل جي مڪالمن سان گڏ هر ڪردار کان مهلائتي گفتگو ڪرائي آهي.

هن مجموعي جي ڊرامي ’بادشاهه سلامت‘ ۾ جهان خان (بادشاهه) ۽ اعتماد خان (وزير اعظم) وچ ۾ ڳالهايل مڪالما ڪيترا نه حقيقي ٿا لڳن.

”**جهان خان:** شاهي مخبرن ٻڌايو آهي، ته هن اسان جي پيغام اماڻڻ کان اڳ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





پنهنجي پيءُ جي شادي هڪ امير زادي خورشيد پاشا سان ڪرائي ڇڏي آهي“.[۷]

منظور سنڌ جي اڳوڻن حاڪمن جي ذهانت کي پنهنجي مڪالمن وسيلي هن ريت واضح ڪيو آهي.

”**جهان خان:** بحث جي ڪا گنجائش ناهي، هي دل جو معاملو آهي. هڪ دم هڪ لک فوج جي لاءِ تازا دم گهوڙن ۽ نون هٿيارن جو انتظام ڪيو وڃي.“[۸]

سنڌ جا اڳوڻا حاڪم ته حاڪم پر سندن وزير به گهٽ نه هئا. حاڪمن جا خرچ پڪا پورا ڪرڻ لاءِ انهن عوام کي آزارڻ ۾ وسان نه گهٽايو. بادشاهه جهان خان جي وزير خزانه دولت بيگ واتان چوارايل جملا موجوده دؤر جي به عڪاسي ڪن ٿا.

”**دولت بيگ:** هاڻي سربچاءُ لڳان لڳندو. جيڪو نه ڏيندو، اُهو حُضور معظم جي بادشاهي ۾ سک جو ساهه نه کڻي سگهندو.“[۹]

اڳتي هلي جڏهن رعيت کان بادشاهيءَ ۾ رهڻ لاءِ ’سر بچاءُ لڳان‘ وٺڻ جو فيصلو ٿئي ٿو ته ان وقت فوج جي سپهه سالار جنگو خان ۽ بادشاهه وچ ۾ ٿيل گفتگو نه رڳو پراڻي بادشاهي زماني جي ياد تازي ڪرائي ٿي، پر ايئن ٿو ڀائنجي ته ڄڻ هاڻوڪو حڪمران پنهنجا شاهي خرچ پورا ڪرڻ لاءِ ماڻهن جي ڪل لاهي خزانو ڀرڻ جو حڪم ڏيندو هجي.

”**جنگو خان:** صاحبِ عالم! اسان اوهان جي حڪم جي پوري پوري پوئيواري ڪنداسين. پر سُڪون رياست جي ماڻهن کي نه صرف لٽي ڪنگال ڪنداسين، پر اهڙي تباهي ۽ بربادي آڻينداسين جو پر سُڪون رياست، پر خون ۽ پر آشام ٿي ويندي.“[١٠]

منظور ڪوهيار جي لکيل ناٽڪ ’فرنگي‘ جا مڪالما پڙهڻ سان ماڻهو پاڻ خيال ئي خيال ۾ ٢٠٠ سال پراڻي سنڌ ۾ هليو ٿو وڃي. جنهن ۾ سنڌ جي وڏيرن خانبهادر ۽ راءِ بهادر جا لقب وٺڻ لاءِ نه رڳو انگريزن جي چاپلوسي ڪئي، پر عام ماڻهن سان جيڪو ظلم ڪيو، ان جو ڪو مثال نه ٿو ملي.

ناٽڪ نويس اها به ڪوشش ڪئي آهي ته هر ڪردار حقيقي انداز ۾ گفتگو ڪري هن انگريز گورنر جنرل لارڊ ايرون کان انگريزي گاڏڙ سنڌي انتهائي عقلمنديءَ سان ڳالهرائي آهي. هن جو چيل هڪ هڪ جملو انتهائي اهميت جوڳو آهي. جنهن مان ليکڪ جي زماني شناسي ۽ ذهانت جو به پتو پوي ٿو. منظور انگريز دؤر ۾ سَر، جو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

خطاب ماڻيندڙ سنڌي وڏيرن، خانبهادرن، راءِ بهادرن تي طنزيہ انداز ۾ هن ريت سخت چٽر ڪئي آهي.

”**ڏامر ڏومر خان (خانبهادر):** (لارڊ ايرون جا هٿ چمندي) وفادار، نمڪ خوار، هزار بار...!“[١١]

”**ڏيڻ مل (راءِ بهادر):** (هٿ جوڙيندي) رعيت مار، دل آزار، پر توهان جو خدمتگار...!“ [١٢]

”**قدمبوس خان (سَر):** (نوڙي ملندي) اوهان جو تعبيدار، شڪر گذار ۽ پراڻو خدمتگار...!“ [١٣]

سنڌ جو وڏيرو ڪالهہ بہ غاصب ۽ ظالم جو طرفدار هو ۽ اڄ بہ آهي. سنڌي وڏيرو هر دؤر ۾ خوشامد ۾ آخري حد تائين ڪِرندو رهيو آهي. سنڌي وڏيري جي ذهنيت ڪي منظور هن ريت چٽيو آهي.

”**ڏامر ڏومر خان:** لارڊ صاحب...! مان واري بابي مرحيات ٺاڪ ڦوڪ خان، ڦهرين درٻار شاهي ۾ شاهي ٻگهي پنيان ڀڄندي ٿاٻو کاڌو هو. جو اڄا تائين اسان شرمنده آهيون. پر مان هاڻي اهڙو ڀڄڻ جو ڪوازو پچايو آهي، جو ريل بہ نہ پڄي...“[١٤]

اهڙيءَ ريت هن ناٽڪ جا سمورا مڪالما سنڌ جي تڏهوڪن وڏيرن ۽ سرمائيدارن جي چاپلوس ڪردارن ڪي وائکو ڪن ٿا.

راڄ ڪرتهہ، جي آخري ۽ انتهائي اهم ڊرامي ’شاهہ بهارو‘ جا سمورا مڪالما قومي جاڳرتا ۽ پنهنجي هيروز جو قدر ڪرڻ واري خيال ڪي نظر ۾ رکندي لکيا ويا آهن. هن ناٽڪ ۾ گهڻا ڪردار هئڻ جي باوجود هر ڪردار کان ڊرامي ۾ ان جي اهميت موجب مڪالما چورايو ويا آهن. خاص طور تي شاهہ بهارو، سگهڙو مل، مائي طوطي، جيئندا راءِ، سياڳو لاڙڪ، مانجهي ابڙو، سونو چانڊيو، ماڇڪ، ساماٽو، رانول جوٽيجي، جمن ۽ جلال جي ڪردارن واتان چورايل مڪالما نهايت اهم ۽ تاريخي نوعيت جا آهن. منظور ڪوهيار هن ڊرامي ڪي افسانوي بڻائڻ بجاءِ تاريخي پس منظر ۾ لکيو آهي. جنهن سبب هي سنڌ جو هڪ قومي ناٽڪ آهي. هن ناٽڪ ۾ شاعرن جي سرتاج شاهہ عبداللطيف جي سير سفر ۽ فقيرن سان ملاقات جو ذڪر بہ نهايت وڻندڙ انداز ۾ ڪيل آهي. جڏهن تہ ناٽڪ ڪي اثرائتو بنائڻ لاءِ شاهہ سائين جا ڪجهہ بيت بہ ڏنا





ويا آهن. ناٽڪ جي ڦهرئين ڏيک ۾ منظور لطيف سائين جي مريدياڻي مائي طوطي، سگهڙي ۽ مانجهيءَ وچ ۾ ڪيل گفتگو ۾ مڪالمن وسيلي جيڪا منظر ڪشي ڪئي آهي، اهو فن ورلي ناٽڪ نويسن وٽ ملي ٿو. هن اها ساڳئي منظر ڪشي ناٽڪ جي ٻئي ڏيک ۾ بہ ڪئي آهي، جنهن ۾ هن مڪالمن وسيلي قلات ۽ قنڌار ڪان ايندڙ فوجن جي اچڻ جو اطلاع نهايت سهڻي انداز ۾ ڏنو آهي.

ٽئين ڏيک ۾ قنڌارين جي حملي جو ذڪر جڏهن توڏو ۽ ڪوڏو شاهہ بهاري سان ڪن ٿا تہ ان جي موٽ ۾ شاهہ بهاري واتان چيل مڪالما سنڌ جي ان جوڌي جوان جي عظمت وڌائين ٿا. هو چوي ٿو:

”**شاهہ بهارو:** منهنجي وڇڻ کان پوءِ سنڌ جا جهونجهار، پاونگ ۽ مٿير مڙس، مير مهراب، مير چاڪر، ڄام ننڊو، شاهہ علي سلطان، خيرو ڳچل، مراد ڪليري، اهي سڀ دشمنن سان اڳتي وڌي مقابلو ڪندا. پر جي اهي بہ مقابلو ڪندي سنڌ جي سرحدن تي مارجي ويا، تہ لاڙڪاڻي وارؤ....! توهان جي حفاظت لاءِ لاڙڪاڻي جا جُنگ جوان ويٺا آهن.... اوهان ڇو هيانءُ هاريو آهي؟“[١٥]

ناٽڪ جي چوٿين ڏيک ۾ شاهہ بهاري لاڙڪاڻي جي حفاظت لاءِ جدا جدا برادرين جي ماڻهن ۾ محاذ ورهائيندي جيڪي مڪالما ڳالهائي ٿو، اُهي ڏاڍا اثرائتا ۽ وڻندڙ آهن.

پنجين ڏيک ۾ ناٽڪ ڪلائميڪس طرف ويندي الميي جو روپ وٺي ٿو. ڇهون ۽ ستون ڏيک عروج وارو ۽ اٺون پڇاڙيءَ وارو آهي. جنهن ۾ ناٽڪ مڪمل طور الميہ آهي. ان ڏيک ۾ منظور جا لکيل مڪالما پڙهندي اکين مان آب جاري ٿي وڃي ٿو، ڀڪ سان اسٽيج تي ڏسي ڪيترائي ماڻهو هنجون هاري ويٺا هوندا. ناٽڪ جي ستين ڏيک ۾ منظور جو لکيل مڪالمو ڪيترو نہ اندر جهوريندڙ ۽ سنڌ تي سر قربان ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهڻ لاءِ اتساهي ٿو.

”**شاهہ بهارو:** اوهان ڇو خاموش آهيو...؟ اوهان جي منهن تي هيڊ ڇو هارجي وئي آهي....؟ اوهان جي مُکن تان مُرڪ ڇو غائب ٿي وئي آهي.....؟ (لاشن ڏانهن اشارو ڪندي) هنن مڙسن مٿيرن، سُمانن، سُٻيلن، جهيڙيندڙ جهونجهارن سينا ساهي دشمنن جا ڏَڪَ ان ڪري جهليا هيا تہ اوهان مايوس ٿي مرجهائجي وڃو. پر انهن پنهنجا



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سر ان ڪري ڏنا، تہ جيئن اوهان جا گهر ۽ اوهان جون خوشيون سلامت هجن... ايندڙ نسل سلامت هجي..... سنڌ سلامت هجي.“(١٦)

آخري ۾ انتهائي اهم اٺين ڏيک ۾ منظور وڏي ذهانت سان ناٽڪ جي پڄاڻي ڪئي آهي. هن منظر ۾ بہ هن منظر نگاريءَ جو گهٽو ڪم مڪالمن کان ورتو آهي. جيڪي نہ رڳو الميہ آهن، پر ان سان گڏ تاريخي نوعيت جا بہ آهن. جنهن ۾ هن ٻوليءَ جو استعمال سهڻي انداز ۾ ڪيو آهي.

”**شاهہ بهارو:** (ميان نور محمد سان مخاطب ٿيندي ۽ لاشن ڏانهن اشارو ڪندي) ميان نور محمد! هي اسان جي سرحدن جا اُهي جس ڪرا ۽ ڏگ محافظ ٿئي، جيڪي سر ڏيئي سرخرو ٿيا. جن جي مُکن تان اجا بہ مُرڪ بکي رهي آهي. چڻ وطن لاءِ وڙهندي ڪين ڏڙڪ ئي نہ ٿي هئي.“(١٧)

آخري ڏيک ۾ ڊرامو هن جاندار مڪالمي تي پڄاڻي تي پهچي ٿو.

”**شاهہ بهارو:** سنڌ واسيو....! اُٿو ۽ انهن شهيدن کي سلامي پيش ڪريو. جن اوهان جي خوشين، اوهان جي محبتن، اوهان جي گهرن، اوهان جي گهٽين، اوهان جي درگاهن، اوهان جي مسجدن، مندرن جي حفاظت لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪيو.“(١٨)

منظور ڪوهيار جي مجموعي ۾ شامل ناٽڪن کي سنڌي ٻوليءَ جي شاهڪار ناٽڪن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو. تازو ڪراچي يونيورسٽيءَ هن مجموعي کي پنهنجي نصاب ۾ شامل ڪيو آهي.

## حوالا


١. ملڪاڻي، منگهارام، ’سنڌي نثر جي تاريخ‘، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، ٢٠٠٧ع، ص،١١١.
٢. ساڳيو: ص:١٦٨.
٣. مفتي تهمينہ ڊاڪٽر، راڄ ڪرتهہ، ڪنول پبليڪيشن قمبر، ٢٠١٣ع، ص: ١٣٨.
٤. پنهور محمد يوسف ڊاڪٽر، ’سنڌي ناٽڪ جي تاريخ‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ١٩٩٢ع. ص. ٨٤.
٥. ڪوهيار منظور، ’راڄ ڪرتهہ‘، ڪنول پبليڪيشن قمبر، ٢٠١٣ع، ص: ١٨.
٦. پنهور محمد يوسف ڊاڪٽر، ’سنڌي ناٽڪ جي تاريخ‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ١٩٩٢ع.







ص. ٩٠.
٧. ڪوهيار، منظور، ’راڄ ڪرتهہ‘، ڪنول پبليڪيشن قمبر، ٢٠١٣ع، ص: ٤٩.
٨. ساڳيو، ص. ٤٩.
٩. ساڳيو، ص. ٤٩.
١٠ ساڳيو، ص. ٥٠.
١١. ساڳيو، ص. ٧٩.
١٢. ساڳيو، ص. ٧٩.
١٣. ساڳيو، ص. ٨٠.
١٤. ساڳيو، ص. ٨٠.
١٥. ساڳيو، ص. ١١١.
١٦. ساڳيو، ص. ١٢٣.
١٧. ساڳيو، ص. ١٢٤.
١٨. ساڳيو، ص. ١٢٥.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair